# زینت

(ناول)

شمس العلماءِ میرزا قلیچ بیگ

# زينت

از

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

چاپو انون		سال ١٩٨٤ع		تعداد پنج هزار
چاپو نائون		سال ١٩٩٥ع		تعداد ٽي هزار

[ سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق واسطا قائم ]

[redacted]

ملڻ جو هنڌ :
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد ، سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ، سنڌ ۾ ، مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ مراد علي مرزا ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ١ | ليائيءَ جو فڪر | ١ |
| ٢ | سرائيءَ جو گهر | ٧ |
| ٣ | پٽ جي ڳتي | ١٤ |
| ٤ | سجاڳ ڇوڪري | ٢٩ |
| ٥ | نئون پيغام | ٤١ |
| ٦ | جوڙ جڙڻ | ٥١ |
| ٧ | مبارڪ شادي | ٦٠ |
| ٨ | جدائي | ٧٥ |
| ٩ | بچاءُ | ٨٧ |
| ١٠ | پُج ۾ | ٩٨ |
| ١١ | جيل ۾ | ١١٢ |
| ١٢ | ميلاپ | ١٢٣ |
| ١٣ | خانه برٻادي | ١٣٩ |
| ١٤ | نئون اسڪول | ١٤٩ |
| ١٥ | بغداد ۾ | ١٥٩ |
| ١٦ | ساطان وٽ | ١٦٨ |
| ١٧ | منصوبو | ١٨١ |
| ١٨ | وڏن وٽ | ١٩٦ |
| ١٩ | غلطڪار فرزند | ٢٠٨ |
| ٢٠ | وري وطن ۾ | ٢٢٠ |

سگهندي. پنهنجن وڏن جي ميڙيل چونڊيل املهه ماڻڪن کي ائين هٿن جي وٺين مان واريءَ وانگر جيڪڏهين هميشه وڃائيندائي رهياسين، ته آخر ۾ سواءِ خالي هٿن جي باقي اسان وٽ ڇا وڃي بچندو. سا ڳالهه سڀڪو سمجهي سگهي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، انهن ڳالهين کي محسوس ڪندي، هڪ بنيادي مقصد پنهنجي سامهون هيءُ به رکيو آهي، ته پنهنجي ٻوليءَ جا پراڻا ڇپيل ڪتاب جنهن عزت ۽ احترام جي لائق آهن، تنهن عزت ۽ احترام سان ٻيهر ڇپائي شايع ڪيا وڃن، ته جيئن سنڌي ادب ۾ انهن ڪتابن جي هڪ دائمي حيثيت باقي رهي سگهي. انهيءَ مقصد جي پوئواريءَ ۾ بورڊ طرفان ڪيترائي ڪتاب جهڙوڪ: گل شڪر، حيات النبي، سير ڪوهستان، بلوڪوڪر، گل ڦل، جهان آرا، سون ورنيون دليون، راسيلاس، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، هداية الانشاء، گل ۽ ايسپ جون آکاڻيون اڳيئي ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن؛ ۽ هاڻي ساڳئي سلسلي جو هي هڪ وڌيڪ ڪتاب خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

هيءُ ناول سنڌي علم ادب جي عظيم محسن، مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، جو تصنيف ڪيل آهي، ۽ سنڌ جي اوائلي اصلوڪن ناولن مان هڪ بهترين ناول آهي، جو اگرچه ستر سال کن اڳ جو لکيل آهي، ته به ان مان اڄ به اهو ئي لطف حاصل ٿئي ٿو، جهڙو ڪنهن هاڻوڪي لکيل معياري ناول مان. سنڌي افسانوي ادب جي هن لافاني ڪتاب جا چند ٻهريان اقتباس- مڪالمن

# پيش لفظ

پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض ته "ناول" صنف جي ڪتابن جي گهرج سنڌ ۾ تمام گهڻي آهي. سڌريل ملڪن ۾ ۽ سڌريل ٻولين ۾ هزارين ناول اڳيئي جڙيل آهن، ته به هزارين ٻيا سال بسال نوان پيا جڙن ۽ جوڙڻ وارا نه رکو مڙس آهن، پر زالون به. انهيءَ مان معلوم ٿيندو ته اتي جي مڙسن ۽ زالن کي انهيءَ قسم جي ڪتابن پڙهڻ جو ڪيترو نه شوق آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي قسم جا ڪتاب بلڪل ڪمياب آهن؛ نڪو ڪنهن کي انهن جي لکڻ يا پڙهڻ جو گهڻو شوق ٿو ڏسجي. تنهنڪري اهڙي شوق پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ مون هن کان اڳي انهيءَ نموني جو هڪڙو ننڍو ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو نالو "دلارام" آهي. ٻيو وري هي لکيو اٿم.

اهو هڪڙو نئون رٿيل خيالي قصو آهي، جنهن ۾ زماني جي گردش ۽ حال چال جو بيان گهڻو اصطلاح ۾ ڏنل آهي. هن ۾ سنڌ جي سڌريل گهرن جي هات چلت، جيڪا اڪثر هن زماني ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، سا چڱيءَ طرح ڏيکاريل آهي. قصو رڳو ڪهاڻيءَ وانگي ناهي، پر گهڻو ڀاڱو گفتگو جي صورت ۾ ڏنل آهي. اڳوڻي زماني جي قصن وانگي هن ۾ جن ڀوت يا پري يا ديو يا جادو وغيره جو نالو به ڪونهي. هن ۾ اهڙا واقعا ڏنل آهن، جي ٿين جهڙا آهن، جي ميڪنهن انسان جي سر تي اچي سگهن ٿا. ۽

# باب پهريون
## نياڻيءَ جو فڪر

آرهڙ جا ڏينهن هئا، صبح جو سج اڀري سنئون ٿيو هو. بختاور ٻهاري سهاري ڏيئي ٻس ڪئي هئي، ۽ ٿانوَ ٿپو مَلي پئي ٻورچيخاني ۾ رکيائين، مائي شهربانو، مرائي فتح خان مرحوم جي زال، صفي ۾ سنجي وجهيو ويٺي هئي. ڏندڻ-پاڻي ڪري ٻس ڪيو هئائين. اتي ئي ماٺ ڪيو، ڳان تي هٿ ڏيو، ڪنهن خيال ۾ ويٺي هئي. سندس نياڻي زينت بانو پاسي واريءَ ڪوٺيءَ جي اڳيان ٻاهر پينگهي ۾ ويٺي قرآن جو دؤر ڪيو، ۽ سندس پٽ حامد علي، ڪتاب ڪڇ ۾ ڪري اسڪول ڏي روانو ٿيو هو.

گهر جا ڀاتي انهيءَ حالت ۾ هئا، ته در جو ڪڙڪو ٿيو، بختاور نڪري ٻاهر ويئي، ۽ ستت هڪڙي ننڍي ڪمانگري صندوق مٿي تي، ۽ هڪڙي ڇٻي ميوي جي هٿ ۾ ڪئي آئي مائيءَ جي آڏو تڏي تي رکيائين.

مائي شهربانوءَ پڇيو ته "بختاور، هيءُ ڇا آندو اٿيئي؟"
بختاور چيو ته "مائي، سيٺ گل محمد جي گهران، دعائون سلام ٿي ڏنا اٿن ۽ هيءَ سوکڙي ٿي موڪلي اٿن، وٽن ڪو تازو مال ٻاهران آيو آهي."

ائين چئي، بختاور ٻورچيخاني ڏي هلي ويئي. جهٽ ۾ وري موٽي آئي، ته ٻه مائي ائين ئي ڳان کي هٿ ڏيو ويٺي هئي،

ڪوڙ چڙهيو؟ الله ڪندو ته سندس ننڍڙي پڻ چڱي ٿيندي، سياڻي سڌوري ٿيندي!“

بختاور چيو ته ”مائي، سرائي اميدعلي چڱو آهي، جوان آهي، پر منهنجي زينت سان ڪٿان مٺ ٿيندو؟ مائي، پنهنجي پاڻ جي ٻاران چڙهين ته ٻاپي پيٺي چڙ. سندس ٻدران ڏهه نيائيون ملن، ته به آءٌ سائس مٺ نه ڪريان، پر وڏي ڳالهه اميدعلي ڪٿڻ ڪمائڻ جهڙو ڪٿان ٿيندو. سڄو ڏينهن گهر ويٺو هوندو، اٿلندو اسان جي زينت سندس خدمت چاڪريءَ ۾ هلاڪ هوندي! سرائي الهداد کي جيڪا پينشن ملي ٿي، سا مٿان ٿي واٽيان قرض ۾ کنيو وڃن، باقي ٻي ڪهڙي پيدائش اٿس، جنهن تي اسان جي زينت کي سکيو رکندا؟“

شهربانوءَ چيو ”سو سچ آهي، پر بختاور! ڏک سک ٻه پنهنجن ۾ چڱو، پراون جو سونُ به کهوريو. مون کي ٻه اهي ئي ڳڻتيون آهن، جن ۾ پيٺي ٻڏان چڙهان. اهوئي خيال هوم، جنهن ۾ موڙهي وٺي هيس. خدا ڪري ته خير سان لينگري وڃي شينهن ڪلهي چڙهي، ته اسان کي به آرام ٿئي. چڱو، هاڻ ياد ڪري مون کي زينت جو سماءُ لهي ڏج. رڌڻ پچائڻ جي مهل به ٿي آهي، وڃي تنهن جو بلو ڪر. جيڪا الله ڪري هوندي، سا پيٺي ٿيندي.“ ائين چئي، مائي هاڻ آٿي پيرن پر ٿي، ۽ بختاور ٻورچيخاني ڏي هلي ويئي.

# باب ٻيو

## سرائيءَ جو گهر

انهيءَ گهر جو جيڪو ذڪر مٿي ڏنو ويو آهي، تنهن جي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ هتي مختصر طرح بيان ڪرڻ ضروري ڏسجي ٿو.

سرائي فتح خان، سنڌ جي هڪڙي قديم خاندان مان هو. سنڌ ۾ ميرن جي راڄ وقت ميرن جو سرائي جي خاندان وارن سان سٺو لاڳاپو هو. ميرن جي ڏينهن ۾ مشهور بهادر ٿي گذريو هو ۽ هڪڙي جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو هو. سرائي فتح خان پاڻ به مير مراد علي خان وٽ معتبر ۽ عزت وارو ماڻهو هو. ٽالپرن جي حڪومت وڃڻ کان پوءِ هن کي هڪ سؤ رپيا انگريز سرڪار مان پينشن ملندي هئي. جيڪڏهن نوڪري ڪري ها، ته سرڪار مان هن کي وڏي آبروءَ جهڙي جڳهه ملي ها، پر هن نوڪريءَ کان عار ٿي ڪيو ۽ پاڻ کي گذريل حڪومت جو نمڪخوار ڄاڻي، خانگي گذران کي فخر ٿي سمجهيائين.

اگرچه اڳوڻي وڏ ماڻهپ جي هاڻ چلت چڙهي نه سگهيو، تنهنڪري البت ڏکيائي هوندي هيس، تڏهن به هو ڏاهو ۽ آزمودگار ماڻهو هو. ٻالڪل چڱيءَ تجويز سان هلت ڪندو هو. پهرين ڏينهن ۾ ته جيڪي پنهنجا قيمتي زيور ۽ ٿانءِ هئا، سي گهاري، ڪاهه لوهه رکندو ايندو هو. جڏهن آهي سڀ

سان صلاح ڪرڻ لاءِ به دل نه چوندي هيس. سندس صلاحڪارين مان هيون هڪڙي بختاورءَ ٻي سندس جوانءَ پڙهيل ڌيءَ زينت بانو. پر اهڙين ڳالهين ۾ ته زينت بانوءَ کان پڇڻ ڳالهڻ هن مناسب نه ٿي ڄاتو، تنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن بختاور سان ڳالهه ڇوريندي هئي، نه ته پنهنجي منهن پئي ٻهه پچائيندي هئي. انهن ڳالهين ڪائيندي ۾ ڪي ڏينهن لنگهي ويس.

# باب ٻيون

## ٻٽ جي ڳالهه

حيدرآباد جي ڪچي ۾ علي نوازخان نالي هڪڙي مغل جو گهر هوندو هو. هو ميرن جي صاحبيءَ ۾ خراسان کان آيو هو ۽ واپاري ماڻهو هوندو هو. هن مغل جي گهر جو اسان جي ڳالهه سان جيڪو واسطو آهي، تنهن جي بيان ڪرڻ کان اڳي بهتر آهي ته هن جي سنڌ ۾ اچڻ جو بيان ڏيون.

هو اصل جو ترڪ هو. هن جو پيءُ ترڪستان جي سرحد واري هڪڙي جابلو پرڳڻي جو رئيس هو ۽ روس جي شهنشاهه جو ڏڍ پرور هو. انهن ڏينهن ۾ روس ۽ ايران جي وچ ۾ اڪثر لڙايون ٿينديون هيون ۽ هو پنهنجي هڪڙي جي ملڪ تي ڪاهه ڪري ڦرون لٽون ڪندا هئا. هڪڙي اهڙي لڙائيءَ ۾ ڪن سببن ڪري، ايران جو لشڪر فتحياب ٿيو ۽ روسي لشڪر کي شڪست آئي.

روس جي لشڪر ۾ سنڌس همت هيٺ وارن ڪيترن ئي ننڍن حاڪمن جو لشڪر مدد لاءِ آيل هو. انهن ۾ علي نواز جو پيءُ به پنهنجي لشڪر سوڌو حاضر هو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ ڏاڍي خونريزي ٿي ۽ روس جي طرف جا گهڻا ماڻهو ماريا. جيڪا فرمار ٿي، تنهن ۾ ڪيترائي مڙس ۽ زالون ۽ ٻار قيد ٿيا. علي نواز جو پيءُ پنهنجي زال ۽ ٻن ٻچن سوڌو به قيد ٿي ويو،

انهيءَ بازار جو منهن ڏٺو، آخر هڪڙي
۾ آيو، جتي هن البت آرام پاتو.
هن جي حلت چلت تمام چڱي هوندي
جو ۽ سوچارو هو، تنهنڪري سندس ڏٺي ۽ الهه
ماڻهو ڏاڍو پيار ڏيندا هئس. هتي هن کي تعليم
قرآن پڙهڻ سکيو ۽ جيئن وڏو ٿيندو ويو، تيئن پنهنجي
کي سندس ڌنڌي ۾ مدد ڏيندو رهيو. هتي رهي هي
جو پاتي ٿي ويو، ۽ هن جي ايمانداري ڏسي سڀڪنهن هن
آفرين پئي ڪئي.

جڏهن اهو سوداگر بيمار ٿيو، ۽ مرڻ جو وقت ويجهو
ڏٺائين، تڏهن وصيت ڪري پنهنجو مال پنهنجي اولاد کي
ورهائي ڏنائين، ۽ علي نواز کي ڪجهه جيترا پئسا ڏيئي آزاد
ڪري ڇڏيائين.

ڏڻيءَ جي مرڻ کان پوءِ به علي نواز پنج - ڇهه مهينا انهيءَ
گهر ۾ هو. پوءِ پنهنجي منهن سوداگريءَ جي سانگي خراسان
۾ آيو. خراسان ۾ تن ڏينهن ايران جي ماڻهن جي گهڻي
آمدرفت هوندي هئي، تنهنڪري هن کي اتي اچي پنهنجو
واپار هلائڻ ۾ ڏاڍي سولائي ٿي. هتي رهڻ ڪري هو مشهور
ٿي ويو، ۽ واپار جي ڪم ۾ ڏاڍو هوشيار ٿيو.

خراسان مان وري علي نواز، ڪي سير ڪرڻ لاءِ ۽ ڪي
واپار جي سانگي سنڌ ۾ آيو. سنڌ تن ڏينهن ٽالپرن اميرن
جي هٿ ۾ هئي، انهن جي دربار ۾ هن جو رستو ٿي ويو،

١٨ جهڙو واپار ۾ تهڙو عزت ۾ واڌارو ڏسڻ
جنهنڪري هن سبب هو اتي رهي پيو.

۾ آيو ۽ واپار دڪان کيڏي وڃڻ سان نه هلندو ٿو.
علاوه مير صاحبن ۽ سندن دربار جي اميرن سان
هن هو معتبر، هوشيار، پڙهيل ۽ چالاڪ ماڻهو
تنهنڪري سيڪنهن وٽ هن کي گهڻو مان ملندو
ي ڪُڇ جيترا پشما ڏيئي موڪليندا هئا، جو بمبئي ۽
توڙي بغداد، ايران ۽ ٻين ولايتن ڏي وڃي،
هو مال سودي سندن لاءِ ايندو هو؛ ۽ انهيءَ تڪليف
ءِ چڱو محنتاڻو ۽ انعام اڪرام ملندو هوس. اهڙن
سندن ڪان هو سنڌ ۾ رهي پيو، ۽ پنهنجو وطن بس
وسري ويس.

ايترن ورهين رهڻ ڪري ۽ هيترن ماڻهن سان واسطي
رکڻ ڪري هو هاڻي هر طرح سنڌ جو ماڻهو ليکجڻ ۾ ايندو
هو. هن کي ڪنهن سگهر مان پاڻهن ملي ويئي، تنهن سان
شادي ڪري پنهنجو گهر ناهي ويهي رهيو. ميرن جي صاحبيءَ
وئي ڪان پوءِ بہ هو اتي رهندو آيو، ۽ اگرچ اڳيون اوج
پوءِ جدائي ويس، تڏهن بہ مناسب سوداگري ڪري، هو
پنهنجو گذران عزت آبروءَ سان پيو ڪندو هو.

هن کي هڪڙو پٽ بہ خدا ڏنو هو، جنهن جو نالو
علي رضا رکيو هئائين، تنهن کي ننڍي هوندي ڪان هن چڱي
تعليم ڏياري هئي؛ سو سنڌي ۽ فارسي پڙهي ۽ هشيار ٿيو هو،

جي ڏيءُ ڪين لکي پڙهي ڄاڻي؟ جڏهن ڪڏهن پاڻ هلنديون آهيون، تڏهن هن جو ڪم اهو لکڻ پڙهڻ سان هوندو آهي. ڪا گهڙي سڀڻ پڙڻ جو يا پيو ڪم ڪري ته ڪري، نه ته اهڙا ڪونهي اها پاڻ."

جان بيبيءَ چيو ته "مريم، تون سچي آهين، هوءَ لکڻ پڙهڻ ۾ برابر هوشيار آهي، پر ساڻهو ته انهيءَ تان به پيا ڪلندا اٿس. هونءَ پاڻهن ۾ سلوڪ آهي، جهڙو شڪل شباهت ۾، تهڙو لڄ حيا ۾."

مريم چيو ته "مائي، مون بختاور کان پڌو هو ته اهڙا پاڻهن ۾ آثار ۾ آهن؛ وڏا وڏا ساڻهو پنيان هئن، ۽ هڪ ليکي ته سيٺ گل محمد جي پٽ جو نالو به مٿس پيو آهي، ته شڪ ناهي."

جان بيبيءَ چيو ته "مائي، جهان لاءِ پاڻهون گهڻيون ئي چڱيون پيون آهن، هن جي لاءِ ڪا آسمان مان حور اچي، تڏهن اسان جو رئيس پرڻجي. انهيءَ ڇوڪري زينت بانوءَ ۾ بيشڪ گهڻ ڪانهي، پر وٺ انهيءَ ڳالهه ڪي ته جڏهن هو هن رئيس کي آئي ڏيکارين ۽ هي پسند ڪري، تڏهن ڇنجي."

تڏهن علي رضا به منهن مٿي ڪري چيو ته "امان! جي اها پاڻهن اوهان کي پسند آهي، ته مون کي به پسند آهي. انهيءَ گهر جا اسين چڱيءَ طرح واقف آهيون. اها پاڻهن هڪ پيري مون ڏٺي به آهي، مون کي گهڻو پسند آهي."

مريم پڇيو ته "سو ابا ڪيئن ڏٺيئي؟"

جان بيبيءَ جواب ڏنو تہ ”ابا، سو تہ چڱو، پر جي هنن سيٺ جهڙي مڙس سان اڳئي هائو ڪئي هوندي، تہ پوءِ ڪيئن ڳالهہ ٿيندي؟“

علي رضا چيو تہ ”پوءِ خير، پر مون کي بيشڪ ارمان ٿيندو، جو اهڙي پائڻ مون کي وري آسانيءَ سان نظر نہ ايندي.“

جان بيبيءَ چيو تہ ”چڱو ابا، ڏينهن-ٻن ۾ ڪنهن عذر سان آءٌ مرائيءَ جي گهر وينديس ۽ وجهہ ڏسي ڳالهہ ڇوڙينديس، پوءِ جيئن لکيو هوندو، ائين ٿيندو.“

اتي ڳالهين ڪندي، هنن کي اچي ڏينهن ٿيو. مريم اٿي پهاري سهاريءَ جي ڪئي، ۽ علي رضا ۽ جان بيبيءَ بہ اٿي نماز پڙهڻ جو سعيو ڪيو.

---

# باب چوٿون

## سڀاڳي ڇوڪري

ٽئين باب ۾ چيو ويو آهي ته مائي شهربانو ۽ بختاور، زينت بانو جي شاديءَ بابت جا گفتگو ٿي ڪئي، تنهن جي زينت بانوءَ کي خبر ئي ڪانه هئي، جو هن ٻري ويٺي قرآن جو دور ڪيو. جڏهن هوءَ دور ڪري اٿي، تڏهن دستور موجب صبح جا ٻه-ٽي ڪلاڪ لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪيائين، پوءِ ڪارچوب ڪڍي ويٺي هڪڙي ٽوپي پرڻ لڳي. پوءِ ته سگهوئي ماني تيار ٿي ۽ حامد علي به اسڪول کان آيو، ۽ ماءُ، پٽ، ڌيءُ ٽنهي گڏجي ويهي ماني کاڌي.

ماني کاڌي کان پوءِ حامد چيو ته "مون علي رضا وٽ وڃڻ جو اڄ انجام ڪيو آهي سو وڃان ٿو، هو ڪنهن صاحبلوڪ وٽان ٻه-ٽي ڪتاب آڻيندو، جن ۾ ولايت جي عمارتن ۽ ڪارخانن جون تصويرون لڳل آهن، سي گڏجي ڏسنداسين." ائين چئي هو اٿي هليو.

هلندي مهل پيشچيس ته "ادا جي اهي ڪتاب ٿوري تائين ملي سگهنئي ته ڪنيو اچجئين، ته آءٌ به ڏسان." هن چيس ته "چڱو."

مائي شهربانو ته ٻي ڪوٺيءَ ۾ وڃي سمهي پيئي، جو گرميءَ جا ڏينهن هئا، ۽ بختاور جنهن زينت کي خلاصي وقت

بختاور چيس تہ ”مائي! اسان جو سرائي اسان سڀني ⁄جو دعاگو آهي، خير سان خوشيءَ جي خبر آندي اٿس جو توکي اٿئيءَ ھاسي جو انتظار ھو. ھيو سڀ خير آھي، الله ڪندو سڳھوئي سبب ٺيندو!“ انھيءَ دلاسي ڪري مائي شهربانوءَ جي ھانوَ تي ڇنڊو ھيو ۽ دل کي تقويت آيس. ماٺ ڪري ڪلمو پڙھي وري سمھي رھي ۽ بختاور بہ وڃي پنھنجي جاءِ تي سُتي.

---

# باب پنجون

## لڏون پيغام

رات گذري صبح ٿيو. گهر جا ڀاتي اٿي ڏهاڙيءَ وارو ڪم ڪار ڪرڻ لڳا. زينت ٻانو نماز پڙهي وڃي قرآن جي دؤر تي اينگهي ۾ ويٺي. حامد اسڪول ڏي سنيريو. بختاور کي مائي شهربانوءَ سڏي چيو ته "اڄ مائي جان بيبي اچڻي آهي، سو سويري وڃي ڀاڄي ڀتي وٺي اچ. گوشت سرس آڻجئين ته سويرئي رڌڻ پچائڻ جو ڪم ٿئي"، ۽ ڌيءَ کي به سڏي چيائين ته "امان! بختاور کي پئسا ڏيئي، سمجهائي روانو ڪر ۽ پوءِ مائيءَ ٽيڪي جي نظر رکجئين متان مون کي اٽڻ جو وقت نه ملي."

زينت انهيءَ مهل قرآن لپي، بختاور کي سڏي جيڪو سامان آڻو هو، تنهن جو سمجهايو ۽ پئسا ڏيئي هن کي روانو ڪيائين. ٻان وري ويهي قرآن پڙهڻ لڳي. بختاور ڪلاڪ کن ۾ سامان وٺي آئي ۽ اچي رڌڻ پچائڻ جو ڪم شروع ڪيائين. ايتري ۾ زينت ٻانو قرآن پڙهي اٿي ۽ هميشه وانگي ڪپڙو کڻي جاءِ جي شين جي صفائي ڪري، پوءِ پنهنجي ڪم کي لڳي.

ڏالهين ٻجي ڌاري در تي هڪڙي گاڏي آئي جنهن ۾ ارڙهين سان هڪڙي زال ويٺل هئي ۽ هڪڙي پورهيت سائس هيس ۽

جان بيبيءَ چيو تہ "ادي شهربانو، تڏهن مون کي نااميد ڪري ٿي ڪرين؟ منهنجو عرض قبول نہ ڪيئي. منهنجي اچي مٿي ڏي نہ ڏنئي؟"

شهربانوءَ ورندي ڏني تہ "ادي! آءٌ انهن ڪين ٿي چوان. مون چيو تہ اهڙن ڪمن جي لاءِ خيال ڪرڻ ۽ اڳ-ڀرو ڳڻڻ ضروري آهي، سا ڳڻ ڳڻي پوءِ توکي جواب ڏينديس."

جان بيبيءَ چيو تہ "تڏهن پلائي ڪج، وسارج نہ؛ مون کي رات-ڏينهن توڏي ڏيان هوندو."

اتي زينت بہ وري آئي، تنهنڪري هنن ڳالهہ بس ڪئي. پوءِ سيئي وري ڪٽولن تي ليٽي پيون، ۽ ٿورو آرام ڪري اٿيون، وري وضو ڪري اڳينءَ جي نماز پڙهيائون. پوءِ زينت جيڪي ٿوپيون ۽ چولا پريا هئا سي آڻي مائي جان بيبيءَ کي ڏيکاريائين، جي ڏسي هوءَ ڏاڍي خوش ٿي.

اتي ڏينهن بہ لٿو، ۽ علي رضا هلڻ جو وقت ڏسي، شهر ڏي وڃي گاڏي وٺي آيو هو، تنهن در تان ماڻهو ڏي چوائي موڪليو تہ "گاڏي تيار آهي، هاڻي اچو." مائي سنهري ۽ برقعو مٿان وڌائين، شهربانوءَ کان موڪلايائين، ۽ هلڻ مهل بہ آهستو چيائين تہ "منهنجي ڳالهہ نہ وسارج" ۽ زينت کي وري بہ هلڻ مهل سڏي پاڪر پائي پيشانيءَ تي چمي ڏنائين، ۽ چيائينس تہ "امان، اسين تہ تنهنجي گهر پيا اچون، تون الائجي ڪهڙي ڏينهن اسان جي گهر ايندينءَ!"

# باب ڇهون

## جوڙ جڙڻ

علي رضا، جنهن کي انهيءَ ڏينهن جي ذڪر ڇيڙڻي کان پوءِ سرائي فتح خان جي ليليٰءَ سان شادي ڪرڻ جو شوق ٿي پيو هو، جنهن جي صلاح سان سندس ماءُ هن وٽ آئي هئي، تنهن کي اهائي ڳڻتي هئي ته الائجي اها پانهن ملي يا نه ملي. سو اڄ ماڻس گاڏي چڙهي، اندر پنهنجي گهر ۾ مس گهڙي، ته پڇڻ لڳس ته "ڪيئن امان، فتحون آهن نه؟"

ماڻس چيس ته "ابا! پرڀرو ته لاهڻ ڏينم، ساهه ته پٽڻ ڏينم. خدا سڀ چڱي ڪندو."

وري صبر کان پڇيائين ته "دائي، تون ڪا ڳالهه ٻڌاءِ، ڪڏهن جو انجام ورتئو؟"

جان ٻيبيءَ چيو ته "ماٺ، ابا! تون ته ٿريءَ تي ٻهشت ٿو طلبين؟ يا ته چوندو هئين ته شادي ڪانه ڪبي، يا ته هاڻي آئي تڪڙ سچائي اٿئي."

علي رضا چيو ته "امان، آءٌ اڳين ئي ٿو پڇان ته جنهن ڪم لاءِ ويا هئو، تنهن جي ذڪر ڪرڻ جو وجهه مليو يا نه؟"

جان ٻيبيءَ ورندي ڏني ته "هائو، ابا مليو. ماليءَ پنهنجا ڳهڻا لائق ڪيا. آخر خويشيءَ جو ڪم آهي، چيائين ته پنهنجو تن من اچي ڏينهن-ٻن ۾ جواب ڏينديس. پر الله ۾ اميد جهڙي آهي."

# باب ستون

## مبارڪ شادي

انهيءَ ڏينهن ڪان ولي پنهنجي طرف تياري ڪرڻ لڳا ۽ ڪپڙو ڪندي، ڳهه ڳٽو جوڙائڻ لڳا. پنهنجي گهرن ۾ اها ٻهرين شادي هئي ۽ پنهنجي سڪو مائٽو هئا، تنهنڪري پنهنجي جي خواهش هئي ته آبروءَ جهڙو بندوبست ٿئي. هن ڪان پوءِ جڏهن ڪڏهن علي رضا ۽ حامد علي پاڻ ۾ گڏبا هئا ته اڳي ڪان وڌيڪ پاڻ ۾ گستاخ رهندا هئا، جو ٻنهي هين ته سڳهوئي مائٽ ٿيندا هين ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ايندڙ شاديءَ جي نسبت ۾ گفتگو ڪندا هئا ۽ ان جي تياريءَ بابت پاڻ ۾ صلاح ڪندا هئا.

هو ٻئي نئين زماني جا ماڻهو هئا، نئون چلتو ڏٺو هئائون، ان بابت ڪتابن ۾ پڙهيو هئائون ۽ چڱن ماڻهن ڪان ٻڌو هئائون، تنهنڪري اهڙين ڳالهين بابت هنن پنهنجي جي هڪڙي راءِ هئي. ان موجب پاڻ ۾ پڪو ٺهراءُ ڪيائون ته اها شادي، جا ٿيندي سا هو نئينءَ ۽ سڌريل رٿ پٺيان ڪن ۽ اڳوڻا رستا ڇڏي ڏين. هنن کي سمجهه ٿي ته اهڙن ڪمن ۾ زالن جي پيکهي مڃندي آهي ۽ مڙسن جي ڪا به ڳالهه ڪانه هلندي آهي، پر پنهنجي سان سندن مائرن جي محبت گهٽي هئي ۽ جهڙي هي هنن جي مرضي رکندڙ هئا، تهڙي هو هنن جي مرضي رکنديون هيون؛ تنهنڪري هنن جاتو ته اسين کي

جو شاديءَ جي ڪوڙ ۾ دل ڪرڪو ڳڙهڙ وڃهو ڏين - تنهن ڪان سواءِ شرعي ۾ منع آهي.

انهن مٿين ڳالهين جي ڳهرائن ۾ هنن پنهي جوانن ڀان ۾ چڱا چڱا دليل ڀلايا ۽ حجتون آنديون، مگر انهن جو بيان ڪرڻ جو هتي ضرور ڪونه ٿو ڏسجي.

انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هنن ٻڪي ڪمر ٻڌي، ٻنهي ڄڻن پنهنجي پنهنجي گهر ڳالهه چوري. ڀير ڀائين ته سندن مائون ۽ دايون، توڙي ٻيا جيڪي ماڻهو وٽن ايندا هئا ۽ ٻڌندا هئا سي کلندا هئا ۽ چوندا هئا ته ”ڇوڪرا انگريزي پڙهي ڪتري پيا آهن، ٻاهر جا ڪم ته ٺڪيڙيا اٿن هاڻ وري اندرين زالن ڪمن ۾ ٿا هٿ وجهن. نيون ٻوليون ٿا ٻولين. جيڪي سندن ابي-ڏاڏي ڪيو تنهن تان ٿا عيب وٺن.

مطلب ته هنن ۽ زالن جي وچ ۾ چڱا ڀيڙي هلي ۽ هنن ۾ ديني توڙي عقلي حجتن ڏيڻ سان ڳهٽايو ڪين. ٿوري ٿائين سندن مائون خفي ٿيون ۽ ڪاوڙ ڪرڻ لڳيون، نيٺ هنن هٿين ٻيرين ٻئي، پنهنجي ڳالهه تي آٿي بيهارين ۽ اهو عذر جوڙي وات ۾ ڏنائون ته ”جيڪو اوهان ڪي انهيءَ باب ۾ چوي ۽ ٽوڪ ڪري، تنهن کي اوهين چئو ته اسين ڇا ڪريون ڇوڪرا نٿا مڃن. جي سندن مرضي نٿا رکون ته اسان جي هٿن ڪان ٿا وڃن. الائجي پنهنجي منهن ڪا ٻي وڏيڪ خرابي نه ڪن تنهنڪري لاچار آهيون.“

علي رضا- زينت جان، زورآور ته تون آهين. تون پانئين ٿي ته انهيءَ پردي واري بند ۾ رهڻ ڪري زالن جي حالت ڪا بهتر ٿي ٿئي؟

زينت- آءٌ پاليان ٿي ته ٿئي ٿي. جي بهتر نه ٿي ٿئي، ته بدتر به مور نٿي ٿئي.

علي رضا- سو ڪيئن؟

زينت- هيئن. جو دنيا ۾ اهڙيون حرص وڌائڻ ۽ گمراهه ڪرڻ جهڙيون شيون پکڙيون پيون آهن، جو جڏهن مڙس به انهن تي ٽنگجي وڃن ٿا ۽ خطا کابو وڃن، تڏهن زالون ڇا آهن؟ انهن کان گوشي تي رهڻ ۽ انهن جي وڪڙ ۾ نه اچڻ به وڏي شيءِ آهي. جي بديءَ سان وڙهي، اُن تي غالب پوڻ وڏي نيڪي آهي، ته "جت پهچڻ ناهي وس، اُت پهچڻ ڪم ورپام جو." سو حقيقت ڪري زالون جاني واڻي پردي ۾ رهڻ ڪري ورياسن جو ڪم ٿيون ڪن. اها به سندن هڪڙي بهادري آهي، اها به سندن هڪڙي تعريف آهي.

علي رضا- اهو سچ آهي، پر آءٌ پانيان ٿو ته پاهر نه نڪرڻ ڪري يا دنيائي شين نه ڏسڻ ڪري اندر وارن جو حرص گهٽجي نٿو، پاڻ وڌي ٿو. جا چڱي شيءِ ڏٺل ناهي، پر پڌجي پيئي ته تمام ويجهي به آهي يا پت جي پاهران آهي يا ان جي ڏسڻ جي به جاءِ آهي، ته انساني طبعيت جو اهو ميل آهي ته انهيءَ کي ڏسڻ جي ماڻهو ضرور خواهش رکندو. جي خواهش رکندو ته هڪڙي وقت ڪوشش به ڪندو، ۽ جا

سواءِ يا انهيءَ جي مرضيءَ ڌاران ٻئي ڪنهن هنڌ نہ وڃن. جڏهن ڪڏهن ڪن عجيب غريب شين ڏسڻ جو وجهہ مڻانو هجي، جن مان ڪنهن قسم جي فائدي جو امڪان هجي، يا جڏهن ڪڏهن ڪنهن ضروري ڪم لاءِ ڪنهن هنڌ وڃڻو هجي، تڏهن مناسب ۽ شائستي رستي مان انهن جي ڏسڻ ۾ يا اتي وڃڻ ۾ ڪابہ حرڪت نہ هئڻ گهرجي. ائين ڪرڻ ڪري ديني حڪم بہ بجا آڻي سگهجن ٿا، ۽ جهان جي توڙي خدا تعاليٰ جي قدرت جي بہ زياده خبر پوي ٿي. الهيءَ ڪري سمجهہ وڌي ٿي، سڪ وڌي ٿو، السالي حالت ۾ سڌارو ٿئي ٿو، ۽ اوير سوير جي اتفاقن مهل مشڪلات ۾ ڦاسڻ ڪان بہ بچجي ٿو.

# باب اٺون

## جدائي

انهيءَ شاديءَ کي پنج-ڇهه مهينا مس گذريا، تہ جن صاحبلوڪن کي علي رضا پڙهائيندو هو، تن مان هڪڙي جي بدلي بمبئيءَ ٿي. تنهن هن کي چيو تہ جيڪڏهن تون مون سان هلندين، تہ توکي اسي رپيا درماهو ڏيندس. هو جنگي کاتي جو وڏو عهديدار هو، ۽ علي رضا تي گهڻو مهربان هوندو هو، هن جي بہ ماڻس پريت پجهي ويٺي هئي، تنهن اها ڳالهہ قبول ڪئي. پانيائين تہ آسي رپيا اِهي ٿيا، اهڙيون ٻہ-چار آساميون ٻيون پڙهايو تہ سيڪي ٿي پوندو. وري ٻي طمع هيس جو هن صاحبلوڪ دلاسو ڏنس تہ ڪنهن هنڌ ڪا آبروءَ جهڙي جاءِ خالي ٿي، تہ تنهنجو بندوبست ڪندس، تنهنڪري هو پاڻ انهيءَ ڳالهہ ۾ خوش هو.

اها ڳالهہ علي رضا پنهنجي گهر اچي ڪئي. سڀني گهر جي ڀاتين کي هڪڙي پاسي خوشي ٿي، جو فائدي جي اميد هئي، ٻئي پاسي ارمان ٿيو، جو جتي عمر ساري گذاري هئائون، اتان لڏڻ بہ اهنجو پئي لڳن. پر هنن جي عزازت رکو هڪ گهر سان هئي، تنهنڪري هن ملڪ ڇڏڻ ڪري گهڻو فڪر نہ ٿي ٿين.

آخر پنهي گهرن پاڻ ۾ ٻهي امر نهراءَ ڪيو تہ في الحال علي رضا بمبئيءَ وڃي، اتي وڃي ٻهريائين رهڻ جي جاءِ جو

خوشيءَ جا سانباها ڪيا هئائين، سي هينئر ڏک ۽ عذاب ٿي پيا. ويچارو گذريون ڳالهيون ياد ڪيو پئي ڳريو، ۽ ذري ذري زال جي هٿ جا لکيل خط پئي پڙهيائين، ۽ واڪا ڪيو پئي رنائين. يا وري سندس ڪپڙا گنديون ڪنيو، منهن کي پئي مليائين ۽ هنجون پئي هاريائين.

# باب نائون

## ٻچاءُ

زينت ٻالو جو سمنڊ ۾ ڪيري، سو ٻرندي ته تختي سوڌو هيٺ هلي ويئي. ٻڏندي ماڻهوءَ کي جيڪي پهچ ۾ اچي تنهن کي سوگهو ڪري جهليندو آهي. هن کي ته خدا تختي مان ڪيرايو هو، تنهن کي هن ساهه جي ڏپ کان ڪٺي ٻڪ وڌا، الهيءَ سگهوني مٿي کڻي آلدس. پر آگبوٽ تان پاڻيءَ ۾ ڪرڻ ڪري، جو هن کي ڌڪو آيو، ۽ وري سمنڊ جو کارو پاڻي، جو اکين، نڪ ۽ وات ۾ پيس، تنهن هن کي موڳو ڪري وڌو، ۽ اڌ مئن وانگي تختي کي چنبڙيو پيئي هئي، ٻيو ڪوبه سماءُ ڪونه هوس.

صبح ٿيڻ ۾ باقي جيڪي ٻه-ٽي ڪلاڪ هئا، سي هوءَ پئي اتي پاڻيءَ ۾ ٽلڪي، ۽ لهرن تي لڏي. جڏهن ڏينهن ٿيو، تڏهن البت سماءُ پيس. پر ڪيڏي هڪڙي نازڪ پردي ۾ پلل ضعيف زال، ۽ ڪيڏي هيڏو حادثو ۽ سمنڊ جون لهرون ۽ اڪيلائي! ساهه مٺ ۾ ڪيو پئي هئي. سڀڪنهن لهر ۾ پئي ڀانيائين ته اجها ٻڏيس، پر اڃا ڏينهن هئس. هوءَ ڏاڍي نيڪ زال هئي، تنهن خدا تي ڪٺي توڪل رکي. ٻڏي مرڻ جي پڪ هيس، تنهنڪري اها گهڙي فرصت ڄاڻي، الله کي ياد ڪرڻ ۽ ڪلما پڙهڻ لڳي.

جي اچڻ ڪري هنن جو گهر سڄي ڳوٺ ۾ مٿڏري هو، ۽ اڳي کان وڏيڪ صفا رهندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ويهي گهر جي ٻاتين کي، ٻيا پيون جيڪي ٻارڙي جون زالون اني ايندڀون هيون، انهن کي قرآن ۽ حديث جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي، جنهنڪري هفتي-ٻن جي اندر ڳوٺ ۾ اها ڳالهه مشهور ٿي ويئي تہ صديق جي گهر ڪا وڏي اشراف ۽ نيڪ زال آئي آهي.

زينت ٻانوءَ کي ٻت تي سؤ-سوا جا زيور ٻه هئا، جن سوڏو هوءَ سمنڊ ۾ ڪيري هئي، اهي ٻهرين ٿي ڏينهن ٻربي مڙس صديق مالڪياڻيءَ جي مرضيءَ ٻٽيان پنهنجي وسان ۾ امانت طرح اڪاڻي رکي ڇڏيا هئا. انهن مان هڪڙو-ٻہ زينت خوشيءَ سان هنن کي ڏاو ٿي، ڇالاءِ جو ڄاتائين ٿي، تہ هو مون کي مفت ڪارائين ٻيارين ٿا. ٻر هنن ٻہ ورتا؛ چيائون تہ "تنهنجي شيءِ ٻاڀي توکي ڪم اچي."

هن پنهنجو سڄو حال هنن کي ڏنو هو، ۽ هو ڄاڻندا هئا تہ هن کي پنهنجن وارثن ڏي وڃڻ جي گهڻي خواهش آهي، مگر جيسين ڪو اهڙو وجهہ ملي، تيسين اتي رهڻ ۾ راضي آهي ۽ اتان نڪرڻ لاءِ اهڙي تڪڙي ناهي.

اهو مهاڻن جو ڳوٺ، ڪچ جي وڏي شهر ٻج کان اٽڪل ويهہ-ٻاويهہ ڪوهہ ٻري هو. ڳوٺ جا ماڻهو ڪڏهن ڪم سان اوڏي ويندا هئا، ۽ ڪن جا مائٽ ٻہ اتي هوندا هئا، جن سان آمدرفت هوندي هئي.

نالي، جنهن کي هيءَ زال پتيءَ ۾ آئي هئي، سو هن کي لاڏ سان پانهن سان وٺي گهوڙي تي چاڙهي ڪوٽ هليو.

جيڪي زينت جي دل ۾ هو، سو پڙهندڙن کي پاڻ خيال ۾ اچي سگهندو، اسين بيان ڪرڻ ضروري نٿا ڄاڻون. ويچاري سور پيي، پنهنجي ٻڇڙيءَ قسمت تي افسوس ڪائي، صبر ڪري ويهي رهي، ۽ پرهه ڦٽيءَ مهل چور هن کي پنهنجي گهر آڻي پهچايو.

هن کي هڪڙي زال اڳ ئي گهر ۾ هئي، تنهن کي ۽ پنهنجي مس کي هن آتاريو ۽ زينت جي پانهن ڏيئي چيائين ته هيءَ "سرڪڙي اوهان جي لاءِ آندي اٿم، تنهن جو بلو ڪريو." پوءِ پاڻ وڃي گهوڙي کي ٻڌي، هنو لاهي، گاهه ڏيئي، اچي ڦڙهه تي سمهي پيو.

زينت ڪان ٻه هنن ٻنهي ڪالهيون هيڏي هوڏي جون پڇيون، پوءِ هن کي سمهڻ جي جاءِ ڏيکاريون، جا پنجي رهي. چور رات جو جاڳيل هو، سو پهر-سوا تائين ستو پيو هو، زينت کي ته ننڊ ڪانه هئي. سڄ ايرڻي ڏاري آٿـي ويهي رهي.

چور جي زال ۽ مس سمجهيو ته ڪتان هيءَ پانهن ڦُر ڪري چورائي، پنهنجي لاءِ وٺي آيو آهي، سو هن کي غريب اشراف زال ڄاڻي مٺي ڪهل ڪيائون، ۽ سندس حال احوال پڇيائون. هن کي تڪر تيڙو ڪارايائون، پر هن ويچاريءَ جي دل ۾ الانجي ڪهڙي واويلا هئي، سو ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي رهي.

پسند آئي. هڪڙو ته هن کي اڳتي هلڻ جي طاقت ئي نه ڪانه رهي هئي، ٻيو رات به پئجي آئي هئي، ۽ اڳيان شهر ۾ به سندس لاءِ ڪا جاءِ نه هئي نڪي ڪانءِ ٻئي هئي، تنهنڪري هن فقير ۽ فقرياڻيءَ جي مهرباني ڏسي رهجي پيئي.

هن کي ٽڪر مانيءَ جو ڏنائون، سو کائي، تڏو وڇائي، سندن پاسي ۾ سمهي پيئي. جيتوڻيڪ چور جي اچڻ جو ڊپ گهڻو هوس، پر لاچار ٿي خدا تي ڀاڙي سمهي رهي، هن چڱي موچاري ننڊ ڪئي، پر رات جو ٽي-چار ڀيرا ڀڙڪا خواب ڏسي دانهن ڪري اٿي، وري ڪلمو پڙهي سمهي رهي.

ايئن خير جو صبح ٿيو. هيءَ عنت سنهن ڏولي نماز پڙهي، فقير ۽ فقرياڻيءَ کان موڪلائي، اٿي اهو ڏکڻ وارو دڳ ڏيئي هلي. ٽڏ جو پنڌ سوا لنگهيس، پر ڏينهن جو مس ٿيو ته اچي ٻج جي شهر کان لڳي.

# باب ڏهون

## ڀڄ ۾

ڀڄ جو شهر ساري ڪڇ ۾ وڏو ڳالهو شهر آهي. اهو ڪڇ جي راءِ يعني راجا جي رهڻ جو هنڌ آهي، تنهنڪري منجهس وڏا وڏا ماڻهو هندو توڙي مسلمان رهندا آهن، ۽ گهڻا شاهوڪار ۽ واپاري ڌنڌو ملائيندا آهن. انهيءَ جو واپار جهڙو سمنڊ جي رستي مڏني بندر کان پڻ ٻاسي هلندو آهي، تهڙو خشڪيءَ جي رستي گجرات ۽ ٻين پاڱن سان. مڏني جو بندر ڀڄ کان ارڙهن ڪوهه پري آهي. ۽ وچ ۾ شاهي سڙڪ لڳي پيئي آهي، جنهن سان ڏاڍي وهڪ آهي. انهيءَ بندر تي ڪراچيءَ ۽ ٻمبئيءَ وارا آگبوٽ ٿا اچي بيهندا آهن، ۽ مال لاهيندا چاڙهيندا آهن، انهيءَ ڪري مڏني ۽ ڀڄ زور وٺندا وڃن.

زينت بانو شهر ۾ اچي ٿهتي ته سهي، پر هاڻ وڃي ڪيڏي؛ هن کي سڄهيو ڪين ٿي ته ڪيئن ڪريان. ٻهريالين پانيالين ته ڪنهن ڌرمسالا ۾ وڃي ويهان، پر هڙ ۾ ڪي ڪين هوس، جنهن سان ڪاڏي پيٽي جو ٻلو ڪري. ساري شهر ۾ هن کي هڪڙو ماڻهو واقف سڄهيو ٿي؛ اها هئي صفوران، صديق مهاڻي جي پيڻ، جنهن کي ساڻس گڏ رستي ۾ چورن اچي ڦريو هو. انهيءَ جي ٿا پڪ خبر نه هيس ته ڪيڏي وٺيو؛ پر جاتائين

ته ضرور اڄ به پٽني موٽي نه وئي هوندي، ڳاڏيءَ تي هئي، سا پيچ آئي هوندي؛ ۽ سندس ملاس جو نالو به سمجهيس ٿي ته فضل محمد آهي ۽ لاڙڪن جي پاڙي جو چڱو مڙس آهي. في الحال دل ۾ اهو ارادو ڪيائين ته "انهي کي پڇائي وڃي هٿ ڪريان، ۽ ڏينهن سڄو پيو آهي، خدا ۾ اميد آهي ته ڳولي وڃي لهنديسانس.

هيءَ اڳيرو هلي، ته بازار ۾ هڪڙو سرڪاري سپاهي ترار سان مليس، جو شهر ۾ نظرداريءَ لاءِ پئي گهميو. پانيائين ته پئي ڪنهن ڪان ڏس پڇان، تنهن ڪان هيءُ سرڪاري ماڻهو آهي، هن کي وڏيڪ خبر هوندي. سو هن کي وڃي اچي چيائين ته "سائين، پلائي ڪري مون کي ڏس ڏي ته لاڙڪن جو پاڙو ڪهڙي پاسي آهي؟"

سپاهيءَ پڇيس ته "ڇو مائي! تون ڪا نئين آئي آهين ڇا؟"

زينت چيو ته "هائو، آءٌ فضل محمد پربي مڙس جي مائٽياڻي آهيان، انهيءَ جي گهر وينديس."

سپاهيءَ چيو ته "مائٽن سان پيو ڪو مڙس ماڻهو ساڻ نه ڪنيئي؟"

زينت اڳ ولي چيو ته "هڪڙو مون سان هو، پر هتي ڪنهن پاسي مون کان ڇڄي جدا ٿيو آهي؛ ڳوليو ماس پر هٿ نه آيو، تڏهين اوهان کي سوال ڪيم."

انهيءَ گفتگو مان سپاهيءَ ايترو سمجهيو، ته هيءَ غير واقف زال آهي. وري جوان جماڻ، ماڻهن جي چڱي ڏ نائينس، تنهن

زينت بانو اندر لنگهي ايوان ۾ آئي، سامهون جاءِ جا در کليا پيا هئا تن ۾ هلي ويئي. اندر جاءِ ڏاڍي ٺاهوڪي ڏسڻ ۾ آيس. ڏاڍا گلم غاليچا وڇايا پيا هئا، ڀتين ڪٿون ٺهيون پيون هيون. سڀ شيءِ چڱي ڍول سان رکي هئي. هڪ-ٻن جاين تي ڪي تراريون بندوقون ۽ پيون هيون. هوءَ هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳي. ڊپ به ٿيس پر ڇڪ هيس، ته صفوران آسپاس هوندي.

ائين ڪنڌي ڀاسي واري در کان هڪڙو قداور مڙس ڪپڙن ڳنڍين ٺهيل نڪري آيو. زينت بانوءَ ڀانيو، ته صفوران جو مڙس فضل محمد هوندو. هن ائيندي سان چيس ته ”ڀلي آئينءَ، خوش چڱي ڀلي آهين؟“

زينت بانوءَ حجاب سان ڀر ڊپ کان سواءِ جواب ڏنس ته ”سائين؛ خير هجي، سلامت هجو.“

فوجدار چيو ته ويهه، خوش ٿي ويهه، اها ڪٽ پئي اٿئي.“

زينت ويٺي ۽ هن کان پڇڻ لڳي ته ”سائين! مائي صفوران ته خير سان اچي پهتي؟ خوش چڱي ڀلي ته آهي؟“

فوجدار ڪوڙ ڪري چيو ته ”خوش چڱي ڀلي آهي، تنهنجي لاءِ ڏاڍي انتظار ۾ آهي؛ تون دلجاءِ ڪري ويهه، ته سگهي توکي موجود ڪري ٿو ڏجي.“

ائين چئي فوجدار وري ڀاسي واري در کان نڪري ويو؛ وري سگهوئي چوڻ لڳو ته ”پياري! هي سڀجون سڀ تنهنجي لاءِ وڇايون اٿم. هي سامان سڀ تنهنجي لاءِ تيار

اٽي-ويڻيءَ جو هلڪو ڪم هيءُ ٻاڻهي ٻئي ڪندي هئي، جهڙوڪ پاڻي ڀرڻ، ٻارن جا ڪپڙا سبڻ، ٻارن کي وهنجارڻ.

انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته فضل محمد جي گهر ڪان زينت بانو هتي سکي هئي ۽ جهڙي هن گهر ۾ محبت ملندي هئس، انهيءَ ڪان گهٽ هتي به نه ملئس. ڏينهن ٻئي هن مان به انهي ويئي، سندن گهر-ڀاتي ٿي ويئي.

—

# باب يارهون

## جيل ۾

سيٺ ڏوسل جي گهر ۾ زينت ٻانو تقريباً ٻارهن مهينا رهي. هن کي اگرچه سک ۽ مشغولي گهٽي هئي ۽ پنهنجي اولاد جي والدر ٻه جهڙي هئي، انهيءَ هوندي به پنهنجن مٽن عزيزن کي وساري ڪين هئائين. پٽي انهن ڏي وڃڻ جا وجهه ڳوليندي هئي. هڪ ڏينهن تہ سيٺ پاڻ به هن کي چيو تہ "مائي! جي تنهنجي مرضي هجي تہ توکي ٻمبئي يا ڪراچيءَ روانو ڪري ڇڏيون، جو مٽئي وٽان آڳبوٽ لنگهندا آهن." پر زينت ٻانو پٽي چيو تہ "اڃا تہ اوهان سان سنهنجي روزي لکيل آهي، ڪنهن ڏينهن اوهان کي آءٌ ٻاڻهي عرض ڪنديس."

هن جو مطلب هو تہ جڏهن في‌الحال خير سان وقت ايڏو گذري، تڏهن ٻلي ساهه ٽپي، هڪ تي پيسا ٻه گڏ ڪريان؛ متان ڪا ويل نہ ڪنهن جهڙيا سو هيئر پنهنجي ڳهار مان ٿي سٿ - ستر رپيا گڏ ٿيا هئس، ڇالاءِ جو ڪهڙو ڪندي، ڪاڏو ايتو ڌار هن کان ماندو هوس. ايٺ هڪڙي ڏينهن مائٽ اچي ياد پيس ۽ مڙس جي محبت اچي دل تي چڙهيس، روئي روئي اکيون ڳاڙهيون ٿي پيس.

انهيءَ اهڙي حالت ۾ سيٺ جي زال کي اچي عرض ڪيائين تہ "مائي هاڻي مون کي موڪل ڏيو تہ آءٌ پنهنجن

هندستاڻ ٿي ڏاڍي، تنهن هن کي چيو ته ”آءٌ ترسان گڏجي هلنديس، هلي توکي ڦرل ڳلي ڏيکاريندس.“ سي هاڻ ٻئي گڏجي اتي هليون.

گهڙيءَ ۾ اچي ڦرل ڳليءَ جي منهن وٽ نڪتيون. اتي هن کي ڇڏي هوءَ ٻي زال هلي وئي، جا قيد مان ڇٽي هئي ۽ گهر موٽڻ لاءِ تڪڙي هئي. زينت بانوءَ وري به ٻن-چئن دڪان وارن کان پڇي پڪ ڪئي، ته ڦرل ڳلي برابر اها آهي. پڪ ڪري پوءِ هوءَ پنهنجي مڙس علي رضا جي ڳولا ڪرڻ لڳي.

ڦرل ڳليءَ جي منهن وٽ ٻهريون هٽ جيڪو هو، سو هڪڙيءَ سرهائن وڪڻڻ واريءَ زال جو هو. انهيءَ جو نالو چانديبي هو. اها مرداني ۽ چڱي زال ڏٺي ٿي، تنهن کان وڃي زينت پڇيو ته ”مائي، هن ڳليءَ ۾ هڪڙو ماستر علي رضا نالي سنڌ جو ماڻهو رهي ٿو، تنهن جي گهر جو ڀلائي ڪري ڏس ڏيندينءَ؟“

هن چيس ته ”هائو مائي، اهو مون کي سمجهي ٿو، هتي برابر رهندو هو، پر ڪجهه ڏينهن ٿيا جو لڏي ويو ۽ وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ جاءِ ورتي اٿس. سندس اهلوڪو گهر به پري آهي، او اهيو پريان هن ماڙيءَ تي هوندو هو. پر هينئر منجهس ٻيا ماڻهو ويٺا آهن.“

وري پڇڻ لڳس ته ”ڇو مائي، تون انهيءَ جي واقف آهين ڇا؟“

ٻه ونس هئي، ٻيو ماڻهو اتي ڪونه هو. هن زال الهيءَ کي چيو ته ”ادي، پورهيت تو پڇي ٿي، ما اڄها.“ هن چيو ته ”ادي، ڇڪڻ جو تون آئينءَ، آءٌ به تنهنجي دلاسي لڳي ويئي هيس، نه ته ويس ٿي هلي. هاڻ مائي تڏهن آٿ ته هاڻون.“ هي ٻئي آٿيون ۽ هوءَ اڳين زال موڪلائي هلي ويئي.

---

# باب ٻارهون

## ميلاپ

آيا ۽ زينت بانو ٻاڻ ۾ ڳالهيون ڪنديون بازار ڏنهن هليون. ٻهر ٻائين تہ هڪڙي جو حال ڏنائون ورتائون، پوءِ زينت بانوءَ پڇيس تہ ”مائي، اهو ڪنهن جو گهر آهي، جتي پورهيت گهرجي ٿي؟“

آيا چيو تہ ”مائي، هڪڙو ماستر آهي، هتي اچي ورهہ-ٻن ڪان رهيو آهي، هو ٻارن پڃن وارو آهي. زال اٿس، ڌيءَ اٿس، ماءُ اٿس، ۽ هڪڙي پورهيت اٿس. وڏا اشراف ٿا ڏسجن ۽ پنهنجيءَ وارا بہ آهن. آءٌ سندن گهر ويندي آهيان، جو سندس زال سان سنهنجي ڏيٺ آهي. ٿورا ڏينهن ٿيندا جو ٻار جي لاءِ هڪڙي پورهيت رکي هئائون، پر اها سکهوڻي ڇڏي وين؛ ٻيءَ جي ڳولا ۾ آهن. مون کي بہ منٿ ڪئي هئائون تہ اسان کي ڪو اشراف ماڻهو ڳولائي ڏي.“

زينت پڇيو تہ ”ٻار ڪيڏو آهي؟“

آيا چيو تہ ”ننڍڙو آهي؛ جاني چار-پنج مهينا مس ٿيندس.“

زينت وري پڇيس تہ ”مائي، انهيءَ ماستر جو نالو ڇا آهي؟“

آيا ورندي ڏني تہ ”مائي، نالو تہ مون کي اٿو اچي، باقي سندس زال جو نالو عزت بي آهي.“

زينت چيو تہ ”پڙهہ ادي! اها مائي ڪهڙي هند جي آهي؟“

هيءَ زينت آهي. ٻانيائون تہ ڪهني روئڻ ڪري مٿو ڦري ويو اٿئون ۽ هيءَ ڪا خيالي شڪل آهي. پر ٺيڪ جڏهن معلوم ٿين تہ لڌو، ساڳي اها زينت بانو آهي، تڏهن سڀ اٿي انهيءَ سان ڳنڍجڻ لڳا ۽ هڪٻئي کي ڏاڍا پيار جا ڀاڪر پاتائون.

علي رضا واري ٻَهر وري هنن جو چرچو ڏسي، خوشيءَ کان کِلڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳي. گهڙيءَ ۾ ماتم سان مٽجي شادي ٿي ويئي ۽ ڏک سان مٽجي سک ٿي پيو. انهيءَ ڏينهن سڀني ڳنڍجي خوشي ڪئي ۽ هڪ هنڌ ويهي ماني کاڌائون. جيڪي واقعات زينت تي ٿي گذريا هئا، سڀ هن پنهنجن مائٽن کي ڪري ٻڌايا، جي ٻڌي هنن کي ڏک ۽ ارمان ٿيو.

شهربانو ۽ حامد علي بہ ڏينهن پيا بہ هنن جي گهر ۾ ٽڪي پيا؛ پوءِ وري زينت بانوءَ کي پاڻ سان وٺي ويا ۽ ٻئي هفتو کن پنهنجي گهر رهايائونس. اوري پري جا ماڻهو، جي هنن جا واقف هئا، سي اهو احوال ٻڌي، ڏاڍا حيرت ۾ پيا ۽ خوش ٿيا ۽ ماڻي شهربانوءَ کي اچي مبارڪون ڏيڻ لڳا.

---

# باب تيرهون

## خاندان جي بربادي

علي رضا خان جي سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ سرائي فتح محمد خان جي گهر کي گهڻي شڪست پهچي وئي هئي. تنهن جا ٻه-ٽي سبب هئا: پهرين ته هنن جي اٺ-ويهه جيڪا وڃي رهي هئي، سا علي رضا خان سان ۽ ڪن ٻورن ٻين مائٽن سان، مائٽن ۽ عزيزن سان ته رستو گهٽو ڪري ٻنهي ٽي وڃو هنن، جيئن اسان مٿي ٻه ڏيکاريو آهي. سو هنن جي وڃڻ ڪري هي ڏاڍا اڪيلا ٿيا. هنن کي اڪيلو ڏسي، ٻندن عزيز، جي مٿن اڳيئي ڪاوڙيل هئا، سي هنن کي هرطرح ستائڻ لڳا. هڪڙي پيري ته ڪوڙي سوڙي معاملي ۾ حامد ۽ سندس ماءُ کي ڪورٽ ۾ ٻه آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئائون، جو سندن اثبات ظاهر هئڻ ڪري هو انهيءَ تڪليف کان ڇٽي ويا. ٻيون ته سندن ايماندار ٻانهي بختاور، علي رضا جن جي وڃڻ کان اٺ-نو مهينا پوءِ مري وئي هئي. هوءَ مائي شهربانوءَ جي صلاحڪار ۽ مددگار سنگتياڻي هوندي هئي. هن کي ٻانهي نٿي ڄاتائون، پر گهر جو وڏو ڀاتي ڪيو ٿي ڄاتائون. هوءَ سرائيءَ جي اولاد کي پنهنجو اولاد ڄاڻندي هئي، ۽ هو به کيس پنهنجي ماءُ ڪري ڄاڻندا هئا. ڌن مان ايتري خاطر هوندي هيس، جو مرڻ مهل به زينت بانوءَ کي ياد ڪيو اٿي رنائين، ۽ سڀني کي دعائون ڪندي دم ڏنائين.

حامد به قيد ۾ گهڻو نه جاليو. هن کي جو سخت پورهيو ڪرڻو پيو ۽ جنبد ڪيڏا پيا، سو انهن جي ست جهلي نه سگهيو. پلاءِ هن سڄي عمر سڪن ۾ گذاريو هو. هتي ته رڳو سندس ٻچڙن ڪمن جي ڪري خراب قسمت آڻي ڦاسايو هوس، سو ڇڻ مهينن ڪان پوءِ مري ويو.

انهيءَ طرح سرائي فتح خان مرحوم جو گهر سڄوئي ويران ٿي ويو. باقي پوئتي اهڙو ڪوا ٻچيو، جو سندس نالو نشان ظاهر ڪري. زينت بانو سندس صالح ڌيءَ هئي، پر سا به هائي ٿي پرائي گهر ۽ پرائي وس. جنهن گهر ۾ ڪن ڏينهن ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو، سو خدا هن طرح بند ڪري ڇڏيو.

# باب چوڏهون

## نئون اسڪول

جڏهن علي رضا بمبئيءَ کان موٽي آيو، تڏهن هن اچي پنهنجو گهر وسايو هو. مٺا مونا هٿي هڪڙو ٻه صاحبلوڪ هٿ ڪيائين، جنهنڪري سندس پڙهائڻ جو ڪم وري شروع ٿيو. مگر هو جو هيترن ڏينهن کان پوءِ آيو هو، تنهنڪري سڄائپ ۽ جا پيدائش اڳي هوندي هيس، سا هاڻي ڪانه ٿيس. پيو وري سرائي فتح خان جي گهر جو حال، حامد جي بدچاليءَ ڪري خراب ڏٺائين، تنهنڪري اڪثر دل شڪستو گذاريندو هو. جڏهن مائي شهربانو ۽ مٺي ۽ حامد قيد ٿي ويو، تڏهن هنن کي اتي گذارڻ بلڪل ڏکيو لڳو. سگهوئي وري حامد جي مرڻ جي خبر پين، تڏهن هيڪاري هٿي ڪک ٿي پيا ۽ پير ٿي آين. ٺهراءُ ڪيائون ته وري وڃي بمبئي وسائجي، جتي هو هيترن ڏينهن ڪري ٺهي ٻه ويا هئا. علي رضا کي ٻه پنهنجي ڪم جو چڱو سانگو هو، سو حامد جي مرڻ کان پوءِ مهينو اڌ گذاري، هنن وري ٽپڙ ٻڌا ۽ اچي بمبئيءَ کان نڪتا.

بمبئيءَ ۾ ته علي رضا پنهنجو ڪارخانو مٿل ڇڏي ويو هو. جنهن منشيءَ کي پنهنجو عيوضي ڪري ڏئي ويو هو، سو اچا الهيءَ ڪم ۾ رڌل هو. هن کي هن جي جلد موٽڻ جي اميد هئي، پر هن جو زياده ڏينهن لڳايا، تنهنڪري هو پاڻ زياده خوش

[redacted]



آخر اها صلاح ڪري علي رضا پنهنجي پٽ کي لنڊن ڏي موڪليو. اهو صاحبلوڪن جنهن سان هي هتان گڏ روانو ٿيو هو، تنهن کي اتي رهڻ جي لاءِ چڱو بندوبست ڪرائي ڏنو ۽ ٻي معرفت به ڪرائي ڏنائينس. تنهن کان پوءِ محبوب علي اهڙي آرام سان پنهنجي ڪم کي لڳو، جهڙو پنهنجي وطن ۾.

# باب پندرهون

## بغداد ۾

محبوب عليءَ جي ولايت وڃڻ کان پوءِ سگهوئي علي رضا کي سندس ڌيءُ عظمت بانوءَ جي سڱ لاءِ بمبئيءَ جي هڪڙي-ٻن وڏن ماڻهن چوايو. هوءَ هينئر سورهن ورهين جي جوان زال هئي ۽ حسن واري به هئي. ماءُ واري مڪتب ۾ هندستاني، فارسي ۽ انگريزي پڙهي سوچاري هوشيار ٿي هئي، نه رڳو لکڻ-پڙهڻ ۾، پر ڳالهائڻ ۾ به. جيئن هن جا ماءُ-پيءُ مشهور ٿي ويا هئا، تيئن هيءَ پاڻ به نيڪيءَ، خوشخلقيءَ ۽ هوشياريءَ ڪري مشهور ٿي ويئي هئي.

علي رضا جي ڪن مسلمان خاندان سان آت-ويٺ هئي، تن مان هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي پٽ لاءِ اها پانئين گهري. اهو پٽ جوان هو ۽ وڪالت جو ڪم ڪندو هو ۽ هر طرح اهڙيءَ پانهن جو لائق هو. پيو وري هڪڙو واپاري سيٺ هو، تنهن کي پنهنجي پٽ لاءِ طمع هئي. پر علي رضا کي پنهي مان هُو جوان وڪيل پسند آيو، جو خاندانيءَ ڪري بهتر ماڻهو به هو ۽ سندس پيءُ پئسي وارو به هو. اگرچه هن جاتو ٿي ته اڃا عظمت ننڍي آهي، شادي ڪرڻ لاءِ ٽي-چار ورهيه پيا ٻه گهرجن، پر جڏهن هن خيال ڪيو ته زال ذات جي جواني گهڻو جلد نٿي ڪري ۽ وڄه چڱو به لڳو آهي، تڏهن اهڙي

پوءِ ڪو پار ٻه اچا ڪونه ٿيو هون، تنهنڪري گهر ۾ وري ٻه اهي ساڳيا ڀاتي وڃي بچيا، جيڪي سندس شاديءَ جي پهرئين ڏينهن هئا: يعني علي رضا، سندس زال زينت بانو، سندس ماءُ جان بيبي ۽ سندس دائي مريم.

جان بيبي ۽ مريم اچي پوڙهيون ٿيون هيون، پر علي رضا جي لاءِ هي غنيمت هيون. انهن جي هوندي هن جي گهر جي وڏي آبادي هئي. هو هن جي لاءِ وڏي مدد هونديون هيون.

اگرچه پرينديءَ بمبئيءَ ۾ صلاح آئي هيس ته انهن مان هڪڙي يا ٻنهي کي پنهنجي ڏيءُ وٽ ڪٽي ڇڏي، پر پوءِ هن خيال ڪري ڏٺو ته اهي سوڪڙيون بابي مرحوم جون نشانيون آهن، سي ڀلي منهنجي سر مان هجن ته چڱو، جو انهن جي سنڀال جو حق منهنجي ئي سر تي آهي.

انهن مٿين ڳالهين مان علي رضا اچي استنبول ۾ پهتو.

## باب سورهون

## سلطان وٽ

استنبول يا اسلامبول، جنهن کي قسطنطنيه به چوندا آهن، سو وڏن شهرن مان هڪڙو آهي. اهو روم يا ترڪستان جي سلطان جو تختگاه آهي ۽ مسلمانن جي وڏي بادشاهت جي گاديءَ جو هنڌ آهي. اهو هڪڙو قديم شهر آهي ۽ گهڻين ڳالهين ڪري دنيا ۾ مشهور آهي.

اهيءَ شهر ڏسڻ جي خواهش علي رضا کي گهڻن ڏينهن کان هئي. تنهن جو هڪڙو ته سبب هيءُ هو، جو اهو تمام سهڻو پڙ ل شهر مشهور آهي، ٻيو ته مسلمانن جي گادي ۽ اسلامي دين ۽ علم جي خاص جاءِ آهي، ٽيون ته اهو علي رضا جي ابيءُ ۽ ڏاڏي جو اصلوڪو وطن هو، ڇالاءِ جو علي رضا جو ڏاڏو پاڻ ترڪ هو ۽ سرحدي پرڳڻي جو رئيس هوندو هو، جو پوءِ زماني جي گردش ڪري اچي اِتي سنڌ ۾ نڪتو هو ۽ اتي رهي وڃڻ ڪري پنهنجن اصلوڪن مائٽن مان واسطو ٽٽي ويو هوس، (جيئن مٿي ٽئين باب ۾ ذڪر ڪيل آهي) علي رضا پاڻيو ته جڏهن خدا وسعت ڏني آهي ۽ وجهه ڏنو آهي تڏهن ابيءَ ڏاڏي جي ڄمڻ جي جاءِ ڏسان، اگرچه ڪ هيس ته سندس ابيءُ سانگي مان سنڌ ۾ ويهي ويو ۽ ٻوئيوارن مان واسطو ڪونه رکيائين، تنهنڪري سندس عزيزن کي همت ڪرڻ مشڪل

ڪي پسند آئي. زال جي مرضيءَ پٺيان سلطان آنهيءَ سان نڪاح ڪيو ۽ هن کي حرمسراءِ ۾ آندائين.

هن سان ايتري دل ٿي ويس، جو ڪي ڏينهن تہ ٻيا حرم ئي وسري ويس؛ انهيءَ سان هڪڙو پٽ بہ ڄائس. هن کي هتي رهندي ست-اٺ ورهيہ گذري ويا هئا، ۽ هن جي معرفت سندس خدمت لاءِ سندس قوم جون ٻہ-ٽي زالون بہ اچي رهيون، ۽ ٻہ-ٽي نوڪر بہ سلطان وٽ پگهاردار ٿيا.

زينت بانوءَ کي اندر پنهنجي جاچ مان معلوم ٿيو تہ هن زال جي سلطان جي وڏي گهر يعني ڏاڏي پوٽيءَ زال سان گهڻي انبڻت هئي، جنهن هڪڙي جو گهڻو شڪرو ڪندو پڌو هئائين.

هيءَ بہ ڳالهہ معلوم ٿيس تہ هڪڙي ڪرد زال بيبي فتنہ خانم ڪان ظاهر ڪري رهي، اچي سلطان جي وڏي گهر واريءَ محلات ۾ رهي هئي، آها پهرين ڏينهن ۾ اصل فتنہ خانم ڏي ڪين ويندي هئي. ۽ پوءِ اڪثر پئي ويندي هئي، مگر رهندي انهيءَ محلات جي هڪڙي پاسي واري کوٺيءَ ۾ هئي. ۽ سلطان جي وڏي بيبي بہ هن کي پنهنجي پاڄ جو ماڻهو ڄاڻي، هن سان مهرباني ڪندي هئي. الهن مٿين پنهي ڳالهين تي زينت بانوءَ گهڻو ويچار هلايو، ۽ انهنجيءَ ٻرم باريڪ جاچ ڪرڻ لڳي. جنهن جاءِ ۾ اها ڪرد زال رهي اچي رهي هئي، اتي ٿورن ڏينهن تائين

رهڻ جي لاءِ زينت ٻانوءَ ارادو ڪيو. ظاهري عذر ڪيائين تہ ”اها ڪوشالتي جاءِ آهي ۽ هوادار آهي، اتي آءٌ بہ ڀلي رهنديس.“ اگرچہ ٻهرئين ڏينهن الهي ٻانهيءَ کي زينت ٻانوءَ جو اتي رهڻ ڳرو لڳو، پر زينت ٻانو تہ ڏاڍي خوشطبع ۽ ميلاپڻ هئي، تنهن هن کي بہ پنهنجي سنگت ۾ خوش ڪري ڇڏيو.

# باب سترهون

## مصوبو

زينت بانو جنهن ڏينهن انهيءَ جاءِ ۾ آئي، انهي ڏينهن کجيءَ سومهڻيءَ جو باڻ وڃي پنهنجي هنڌ تي ليٽي. ننڊ جي خمار ۾ هئي، تہ ڏسي تہ هڪڙي زال ٻاهران آئي ۽ هن ڪردن ٻانهيءَ سان آهستون ڳالهيون ڪري، پاسي واري ڪوٺي، جنهن کي ڏينهن جو ڪلف آيل هو، سا کولي اندر ويئي، وري ٿوريءَ ويرم ڪان پوءِ نڪري آئي ۽ وري بہ هن سان سرگوشي ڪري هلي ويئي.

زينت بانوءَ پانيو تہ ڪا حرمسراءِ جي ٻانهي آهي، جا اتي اينڌڙ آهي، پر ساري هنت ڏسي، هن کي البت شڪ پيو. صبح جو اٿي جاچ ڪيائين: معلوم ٿيس تہ انهيءَ پاسي واري ڪوٺيءَ سان هيٺ محلات جي تهخاني ڏي وڃڻ جو رستو آهي. انهن ملڪن ڏي گهرن جي هيٺان تهخانا جوڙڻ جو دستور آهي، جتي سياري جي موسم ۾ رهڻو ٿيندو آهي. اها ڪردڻ ٻانهيءَ واري ڪوٺي بہ سياري ۾ کلندي هئي ۽ ڪم ايندي هئي، نہ تہ بند تي پيئي هوندي هئي.

انهيءَ هنڌ جي هيٺان تهخاني هئڻ جي ڳالهہ ٻڌڻ شرط زينت بانوءَ کي زياده شڪ پيو. انهي ٻانهيءَ سان راتوڪي زال جي اچڻ جو ڪوبہ ذڪر نہ ڇوريائين، مگر هن کي

جو ڪنهن سبب ڪري اسان جي ماڻهوءَ ڪان اها ڪوئي
ڇڏائي، پئي هنڌ ويهاريو اٿن."

هنن پڇيس تہ "اسان جي سنگتي پهلوان خان ڪان اسان جي ڪاغذ جو جواب آندو؟"

هن چيو تہ "پيپ صحيح سلامت اندر وڃي اوطاق مان هيٺ داخل ڪياسين. پوءِ آءٌ پاڻ بہ اندر ويو هوس تهخاني ۾، جو پيپ ڏڪي وڃي ڪُڏ ڪيو. مگر آهو ڪاغذ ڪٿي وٺ ـ پچ ۾ ڪيرائي ڇڏيو. پاليان ٿو تہ پيپن کُلينديءَ اندر تهخاني ۾ ڪيري پيو!"

هنن چيو تہ "جيسين اسان کي پڪ نہ ڏيندين تہ ڪاغذ ٻاهر نہ رهيو، تيسين اسين سمجهنداسين تہ ضرور اسان جو هيترن ڏينهن جو پورهيو ڪٽ ٿيندو." پر هن پڪ ڏنين تہ ضرور اتي ڪيريو آهي."

هڪڙي پئي چيو تہ "ادا! جي ڪنهن لڌو تہ منجهس ڇا لکيل آهي، ڪو نالو ڪو نشان. ڪنهن کي ڪٿڪ ئي ڪانہ هوندي تہ پوءِ ڇا سهي ڪري سگهندو. خدا ڪندو تہ سڀ خير ٿيندو."

اتي علي رضا کي پڪ ٿي تہ سلطان کي جيڪو خط هٿ لڳو هو، سو اهو هو، جو انهيءَ جوان زناني ويس ۾ رات جو اندر ٿي نيو ۽ رستي ۾ ڪيري پيس، پر هو ٿو سمجهي تہ اندر ڪيريو.

خبر تڏهن پيئي، جڏهن سرڪاري سوار ۽ پيادا اوچتو وڪوڙي وين. يڪدم اندر ڪاهي پيا ۽ سڀ ماڻهو قيد ڪري وڌائون. هڪڙو به ڪونه ڀڄي سگهيو. هو ساهان ٿيا سهي، پر ترارين ۽ بندوقن ساڻ نه هين، جو هنن کي ڪنهن لڙائيءَ جو خيال به ڪونه هو. جن وٽ وري هيون، تن انهيءَ مهل ڪنڌ پاسي رکي ڇڏيون هيون، جنهنڪري هو آسانيءَ سان ونجي پيا.

يڪدم محلات جي چوڌاري پهرو بيهي ويو، ۽ انهن فسادين کي آڻي قيدخاني ۾ زنجير وجهي سوڙهو ڪيائون، ۽ مٿن سخت پهرو بهاريائون. انهيءَ دم راڻي فتنه خانم ۽ سندس ڪردي زالن کي توڙي مڙسن کي به جدا جاءِ ۾ پهري هيٺ بند ڪيائون.

شهر ۾ غلغلو پئجي ويو. ساري رات ماڻهن ننڊ ڪانه ڪئي، انهيءَ واقعي جي پچار هئي. صبح ٿيو، دستوري پيچا ڳاڇا هلي، تهخاني کي کوليائون ۽ اندر ڦهر جو بارود هٿ لڳو. سرلڳهه هلي ڪردن جي پاهرينءَ اوطاق تي ويٺي.

انهن فسادين تي مقدمو هليو، مٿن ڏوهه ثابت ٿيو. نتوا ملي ته انهن سڀني کي توب جي منهن ۾ ڏجي، زالن کي شهر نيڪالي ڏيئي روانو ڪجي، ۽ راڻي فتنه خانم کي طلاق ڏيئي، وري جهڙي قيدڻ هئي، اهڙي ڪجي. باقي هن جو

پٽ، اڃا صغير آهي ۽ بي قصور آهي، تنهن کي الڳ ڪري انهيءَ جي خلاصيءَ تعليم جو بندوبست ڪجي.

نيٺ انهيءَ فيصلي جي تعميل ٿي، جن فسادين سلطان ۽ سندس راڻي ۽ پٽ لاءِ جو بارود سنبرايو هو، تنهن سان اهي پاڻ اڏامي ويا، ۽ جن انهيءَ ڪم ۾ واهر ٿي ڏني، سي به آخر سزاياب ٿيا.

# باب ارڙهون

## وڏن وت

جڏهن اهو وڏو واقعو خير سان پورو ٿيو، تڏهن سلطان هڪڙي خاص دربار گڏ ڪئي، جنهن ۾ هن علي رضا بيگ افندي ۽ سندس بيگم جي گهڻي تعريف ڪئي ۽ چيائين ته ”هنن اسان جي جان بچائڻ لاءِ گهڻو مٿو هنيو آهي، ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وڌي اٿن، تنهنڪري اسين هنن جا گهڻو شڪرگذار آهيون. ۽ اڳي جو اسان علي رضا بيگ افنديءَ کي دربار مان لوڏي ڪڍيو هو ۽ ڪاوڙجي نوڪريءَ مان خارج ڪيو هو، سو فقط وقت، صلاح ۽ تجويز لاءِ ۽ سندس مرضيءَ پٺيان. اسان کي اميد آهي ته جيڪي اسان جا رعيتي ماڻهو ۽ نمڪخوار آهن، سي به هن امير والڪي پنهنجي نمڪحلالي ڏيکاريندا.“

انهيءَ تعريف ڪرڻ کان پوءِ هن علي رضا کي اميريءَ جي وڏي درجي تي آندو ۽ انعام اڪرام ڪيائين، وڏي دربار جا نشان ۽ پلا عطا ڪيائين ۽ ”مقرب السلطان“ لقب ڏنائينس.

تنهن کان پوءِ حڪومت جي سڀني ڪمن ۾ هن جي راءِ پڇي ويندي هئي، ۽ سڀ ڪم تي هن جي اهڙي نظر هوندي هئي، جو انهيءَ ڪري ڪيترا ڏينهن حڪومت جو سارو ڪارخانو

علي رضا ۽ سندس ٻيءَ جي اچڻ جو ٻڌي، سيٺي سڪر ماڻهو جن جو هنن سان رستو هو، سي خوش ٿيا ۽ هنن وٽ آيا، ۽ سلطان وٽ وڏيءَ جکهه تي رهڻ ڪري هن کي مبارڪون ڏنائون. ٻوءِ به هو هن وٽ وقت ٻوقت ملاقات لاءِ ٻيا ايندا هئا، ۽ هيءَ به انهن وٽ ٻيو ويندو هو، جو اڳي واقف هون ۽ هنن سان ڪهڙي رهائي هنائين، انهيءَ طرح هنن کي بمبئيءَ ۾ ڪي ڏينهن گذريا.

—

# باب اوڻيهون

## غلطڪار فرزند

علي رضا بمبئيءَ ۾ هو، ته سندس ننڍي پٽ منصورعلي، جنهن ڊاڪٽريءَ جا ٻه-چار وڏا امتحان پاس ڪيا هئا، سول سروس جي امتحان لاءِ ويو. پر هو بدن ۾ البت سنهڙو هو ۽ ضعيف ڏسڻ ۾ ٿي آيو، ۽ هتي ته جنگي ڪاتي لاءِ مضبوط ٿلها ماڻهو گهربا آهن، تنهنڪري هو تندرستيءَ جي امتحان ۾ پاس نه ٿيو. هن ٻه ڀيرا ڪوشش ڪئي، پر ٻنهي ڀيرا هنن نه ورتس. انهيءَ سبب ڪري هن وڏيڪ وبهڻ ضرور نه ڄاتو.

امتحان وڏا وڏا ڏنا هئائين، تنهنڪري هوشياريءَ جي ڪري هن کي حرڪت ڪانه هئي. پيءُ ڪان صلاح پڇيائين، تنهن ٻه چيس ته "بهتر آهي ته هاڻ نڪري اچي پنهنجي ڌنڌي کي لڳ."

پر هندستان ڏي اچڻ جي بدران هن صلاح ڏنيس ته "اتان سڌو استنبول ڏي وڃ. اتي وڃي پنهنجو ڌنڌو ڪر، ۽ جي سرڪاري نوڪريءَ جو چڱو وجهه ملينئي ته نوڪري ڪر." هن کي ٻه اها صلاح پسند آئي، سو ولايت مان روانو ٿيو. هن محبوب عليءَ والڪي منڍ ۾ ڪانڌ پرٽي هئي. اگرچ اوترائي ورهيه ولايت ۾ رهيو هو، مگر هن جا خيال پيءُ طرح جا هئا ۽ هن جي طبع پيءُ جي طبع سان گهڻو ملي ٿي آئي، تنهنڪري انهيءَ نسبت هو جهڙو ويو، اهڙو وري اتان آيو.

سمجهندي هئي ۽ ننڍ لوڀي ۽ گهڻ ڦرڻ جي گهڻي شوقين هئي. مڙس تي آڏڪ لڳ ايندي هيس. ائين ڪين ڄاڻندي هئي ته زال مڙس جي زيردست آهي، پر سمجهندي هئي ته شادي ڪرڻ ڪري مڙس کي زال جو غلام ڪري ٿا ڏين. سو انهن رستن تي هلندي هلندي اهڙيءَ حد تي وڃي پهتي، جو خود محبوب علي به ٿڪجي پيو.

هن کي هاڻ ٿوري گهڻي غيرت اچڻ لڳي ۽ لاچن ۾ وڃڻ ۽ پنهنجن صاحبلوڪن وٽ اوبرسوير وڃڻ ۽ هنن سان گهڻي گستاخي رکڻ بند ڪرڻ لڳو. شايد ڪن دوستن انهيءَ بابت سمجهايو هوندس ته به هوندس، يا ته متس ئوڪون ٿيون هونديون، سي ڪن سان پڌيون هونداڻين. تنهنڪري هو هينئر زال کي روڪڻ لڳو.

پر پرينءَ ڪان جنهن ڇيڪ گهمي ڏٺو هو، سا مڙس جي روڪڻ ڪري تمام خفي ٿي. هن جي نافرماني ڪرڻ لڳي؛ پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي پيڻن هاڻ لڳي ۽ مڙس جو هئڻ يا نه هئڻ هڪجهڙو ڄاڻائين. انهيءَ ڪري ٻنهي جي وچ ۾ ناسازي پيدا ٿي، هڪٻئي سان تڪرار ڪرڻ لڳا، اجايو سجايو ڳالهائڻ لڳا. پيٽي طبع جا تيز هئا، وڃي ڏڪن-ڀڄن تي ڳالهه بيٺي.

آخر جيڪا مندن وچ ۾ زال-مڙس واري محبت هئي، سا ته نڪري وئي، هينئر ڪتي ٻلي واري ريڙهه پيڙهه وڃي رهي. هڪڙي پيري هنن جو پاڻ ۾ ايتريقدر جهيڙو ٿي پيو، جو

ٿي ٿي، تنهن جي منڍ ۾ هوندي ڪا به خبر ڪا ڪ هيس، هينئر ته زال هن جي فرمانبردار هئي. مطلب ته هن جو گذارو اهڙي مزي سان ٿيڻ لڳو، جو محبوب علي افسوس پئي ڪاڍو ته ناحق منڍ ۾ سان هٿ اٽڪايو هوم.

هينئر هن کي ياد آيو ته جڏهن ولايت ۾ هوس ۽ منڊ ۾ سان شادي ڪرڻ جو ارادو ٿي ڪيم، تڏهن پيءُ به موڻ کي منع ٿي ڪئي ۽ ننڍي ڀاءُ به ٿي ڪئي، سو اڪ ڳڻتيءَ ڪري سچ ٿي چيائون. منڊس ڀاءُ منصور عليءَ کي استنبول ۾ جو ترڪڻ گهر ۾ هئي، تنهن جي خوبيءَ جي هينئر هن کي خبر پوڻ لڳي. منڍ ۾ هوندي پيءُ ماءُ سان جيڪي عقوبتون ڪيون هنائين، سي هينئر هن جي دل تي تازيون ٿيڻ لڳيون. هي ڏاڍو پشيمان ٿيو، ۽ گذريءَ هلت ڪري افسوس جا هٿ هڻڻ لڳو.

انهن سڀني ڳالهين سان نتيجو اهو ٿيو، جو هن کي پيءُ ماءُ کان معافي گهرڻ ۽ انهن سان توڙي ٻين عزيزن سان وري پرچاءُ ڪرڻ ۽ ميلاپ رکڻ جو حد کان گهڻو شوق پيدا ٿيو.

---

# باب ويهون

## وري وطن ۾

محبوب علي هاڻي پشيمان گهڻو ٿيو، ۽ ٻيءَ ماءُ جي
تانگهه گهڻي لڳس، پر هن جا ماءُ-پيءُ تہ هينئر ممبئيءَ
۾ ڪين هئا، هو وڃي سنڌ حيدرآباد ڪان نڪتا هئا. هنن
ويچارن جڏهن ڏٺو تہ جنهن پٽ جي آسري اسان ڪم ڪار
ڇڏي آرام وٺڻ جي ڪئي هئي، سو اهڙو بيحيا ٿي بيهي رهيو،
جو آخر اسان کي ڪانئس جدا رهڻو پيو، تڏهن پنهنجو اصلوڪو
ڳوٺ ۽ گذريل ڏينهن اچي ياد پين، سي ماٺ ڪري اوڏي
آئي هليا.

ممبئيءَ ۾ جيڪي ڏينهن هي پنهنجي سنهن رهيا، سي هنن
بيشڪ خير سان گذاريا، مگر وڪيل پٽ سو گهڻو جتاءُ ڪين
ڪندو آهي، نيڪ ڳڻيو ويندو آهي، ۽ هنن کي في الحال
پيءُ ڪنهن امداد جي اميد ڪانه هئي ۽ ممبئي شهر جو خرچ
بہ البت ڳرو هو، تنهنڪري هنن ڄاتو تہ موٽي وڃون حيدرآباد
۾، جتي رهڻ ڪري خرچ گهڻو هلڪو بہ ٿيندو ۽ پٽ سو ويڙڪ
جتاءُ بہ ڪندو. پيو تہ هنن جو ارادو هو تہ هي پڇاڙيءَ جا
ڏينهن گوشانشينيءَ ۽ آرام ۾ گذاريون، ۽ جي ٿي سگهي تہ ڪو
زمين جو ٽڪر هٿ ڪري پوک-راهه جو بندوبست ڪريون،
جنهنڪري مشغوليءَ جي مشغولي بہ ٿئي، ڪاڏي ايتي جهڙي
آپت بہ ٿئي ۽ آرام وٺڻ جو بہ گهڻو وقت ملي.

۽ اهڙو بندوبست ته بمبئي شهر ۾ يا ان جي آسپاس آسانيءَ سان ٿيڻ اهنجو هو. اها سنڌ هئي، جتي ٿوري خرچ سان ماڻهو اهڙو بندوبست رکي ٿي سگهيو. علي رضا حيدرآباد جو چڱيءَ طرح واقف هو، اتي ڄائو ڄپنو هو. ننڍي هوندي اوري پري گهميو ڦريو هو، سو سمجهيس ٿي، ته اهڙا ٽڪر زمين جا اوڏي گهڻا آهن ۽ آسانيءَ سان هٿ ڪري به سگهبا.

ورِي هن کي پنهنجا ڏينهن ياد پوڻ لڳا، پنهنجا ماڻٽ ياد پوڻ لڳا. دستور آهي ته ڏکن ۾ گذريل ڏينهن ياد پوندا آهن. سو جيئن اهي خيال ٻئي پچايائون، تيئن اوڏي موٽڻ جو شوق زياده ٿي ٿين، ۽ جيئن هنن جو رکيل پئسو روزبروز گهٽبو ٿي ويو، تيئن بمبئيءَ مان اکرڻ جو وڌيڪ سعيو ٿي ٿين. آخر هو ٺهراءُ ڪري سنبريا.

جيڪي پنهنجا گهرا دوست هئن، تن کان موڪلايائون. سيني کي سنڌ ڏي وڃڻ جي، لاءِ چڱو عذر ڏنائون، جنهنڪري ڪنهن کي به اهڙو شڪ ڪونه پيو ته هي بمبئيءَ ۾ گذاري نٿا سگهن، تنهنڪري لڏي ٿا وڃن. هنن پنهنجي ڌيءُ عظمت بانو ۽ سندس مڙس کان به موڪلايو. هن ويچاريءَ کي به گهٽو ڏک ٿي ٿيو، جو پيءُ-ماءُ جي هوندي هن کي وڏو ڏڪ هو.

هن ويچاريءَ کان به جيڪي اچي سگهندو هو، سو پيءُ-ماءُ جي لاءِ ڪندي هئي. هنن کي غريب ڏسي

ايئن هو اچي حيدرآباد پهتا. هنن جو تجمل ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويا. هي اچي بنگلن ۾ لٿا. جنهن شهر ۾ علي رضا ننڍو ٿي وڏو ٿيو هو، اتي هينئر هي پنهنجي آل عيال سوڌو اچي نڪتو، ۽ عزت آبروءَ سان گذارڻ لڳو، انهيءَ خوشيءَ کان هن جي دل ته باغ باغ ٿي ٿي، پر سندس آشنا ۽ سندس زال جا مائٽ به گهڻو خوش ٿيا. سيئي هن کي ڏسڻ آيا، ۽ هنن کي مبارڪباديون ڏيڻ لڳا.

محبوب علي اچي پيءُ-ماءُ جي پيرن تي ڪري پيو. هنن کي ڀربن ته روئڻ اچي ويو، پوءِ نيٺ هن کي معافي ڏنائون، ۽ پاڻ ۾ پرچي خوش ٿي ويهي رهيا. هو سيئي گڏجي وري مرحوم علي نواز خان سندن بزرگ جي قبر تي زيارت لاءِ ويا، جو علي رضا جو پيءُ ۽ هنن جو ڏاڏو هو. هن کي ختمو ڏيئي دعا گهريائون ۽ جان بيبي، جا مديني ۾ پوريل هئي، تنهن جي روح کي به ختمي جو ثواب بخشيائون.

جيڪڏهن علي رضا ويچارو پنهنجي سر هينئر غريب هو، ته پڻ ڪونهي، پر سندس اولاد تمام دولت وارو هو. ۽ انهن جي دولت سا هينئر هن جي دولت هئي، تنهنڪري هن به هينئر پاڻ کي دولتمند ٿي ڄاتو. هنن جو گڏجڻ اتفاق سان ٿيو هو، پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته متان اهڙو وقت وري هٿ نه اچي، تنهنڪري هڪڙي تصوير ڪڍڻ واري کي گهرائي، سيني زالن مڙسن گڏ ويهي تصوير ڪڍائي. اها ساري ڪٽنب جي تصوير ورهين تائين پوءِ وٽن نشانيءَ طرح رهندي آئي.

